# س.ا.س سٽي سکر ڊاٽ ڪام

# ڊجيٽل بوڪ پبلشر

# www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

# پتلين جو تماشو

## ادل سومرو

## (ٻارن جي لاءِ شاعري)

## اسڪيچ

## ادل سومرو


پتلين جو تماشو
ادل سومرو

# سٽاءُ

* پهريون پنو
* حمد
* سائنس جا احسان
* مبن سنبريو ميلي تي
* چانديءَ جو چنگ
* ديڳڙِيءَ ۾...
* ماما ماما مار گدڙ کي
* پوپٽ، ڄڄَ جهازُ
* پولي جو ناچ
* ڪنير
* ٻوٽ گهمڻ هلو
* ڳابن جي ڳوءِ
* خط ادل جو

* پيارا جيت پکيئڙا
* ٻالڪ نِنڊڙا
* منهنجي سائيڪل
* سمنڊ تي پڪنڪ
* ڪوئي جي شادي
* ڏاند گاڏيءَ ۾
* ياءُ براڊي چانور ڪاءُ
* عيد ملهايون
* ٻيرين منجهه ٻڻيرو ٻولي
* روڊ تي....
* پتلين جو تماشو
* گڙٻڙ ۾
* پويون پنو

# حمد

تُنهنجا ڪيئن احسان وساريون
پل پَل مولا توکي ساريون

تُنهنجا ڪيئن احسان وساريون
پل پَل مولا توکي ساريون

چپ ڪي بولڻ توئي سيکاريو
تُنهنجو مٺڙو نانءُ اُچاريون

گُلن ڦُلن جا ڏسي نظارا
نيڻَ پيا ٿا پنهنجا ٺاريون

جهنگ جهَرن ۾ تُنهنجو جلوو
تُون ئي آن جتي نهاريون

تُنهنجي يادِ ۾ ڌڙڪي جيڪا
دل اسين شَل اهڙي ڌاريون

تُون ئي بخشڻ وارو آهين
تُنهنجي دَرَ تي هنجون هاريون.

# سائنس جا احسانَ



سائنس جا ڪيڏا احسان
سُک ۾ آهن سڀُ انسان

ٽيليويزن جا هر هنڌ ڏاڪا
ريڊيو روز ڪري ٿو واڪا
ڏسو هي چُرپُر ڪندڙ ڏاڪا
فون تي ڏوران ٿيڻ ڪچهريون
ويا هِن ڳنڍجي ملڪ مڪان
سائنس جا ڪيڏا احسان

ڪمپيوٽر ٿو وقت کي موڙي
لوهي بند تي ريل تي ڊوڙي
هر ڪا شيءِ مشين تي جوڙي
ڪيڏيون ٿيون ايجاد دوائون

سولا ٿيا سارا درمان
سائنس جا ڪيڏا احسان

روشن روشن بلب ٻري ٿو
سمنڊ ۾ وزني جهاز تري ٿو
پاڻي ڪولر منجهه ٺري ٿو
جي نه ٿين ها اهي ايجادون
ڏکيا ٿين ها سڀُ گذران
سائنس جا ڪيڏا احسان



عقل جو هر هنڌ ٿيو اجالو
چنڊ تي پهچي ويو اپالو
پيرن هيٺان آيو همالو*
سائنس جي سهڪار سان ماڻهو
اوچو آهي منجهه جهان
سائنس جا ڪيڏا احسان

- همالیه جبل

# مبن سنبريو ميلي تي



وکڙي پنهنجي چيلي کي
مُبن سنبريو ميلي تي

ميلي ۾ ها هُل هشامَ
کائڻ پيئڻ جون شيون جام
مُبن کاڌي برفي پاءُ
جيئي جيئي مُنهنجي ماءُ.

ميلي ۾ ها ڳانا سڳيون
کيسَ کٺا ۽ اجرک لونگيون
مُبن پاتو ڳاڙهو ڳانو
جيئي جيئي مُنهنجو نانو.

واءُ اتر جي لڳي جڏهن
مُبن ساريو ڪوٽ تڏهن
لڳو مُبن کي ڏاڍو سيءُ
جيئي جيئي مُنهنجو پيءُ.

جڏهن ميلي جي ٿي پُڇاڙي
ماڻهن هلڻ جي ڪئي سنبراڙِي
مُبن تاڙيو ڳوٺ جو ڳاڏو
جيئي جيئي مُنهنجو ڏاڏو.

ڏوڪڙ پنهنجا سڀُ کپائي
مُبن وينو جهانجهہَ وڄائي

قاسم ترڪيو ڪيلي تان
مُبن موٽيو ميلي تان.

# چانديءَ جو چنگ



بابل! مُنهنجي دل ٿي چاهي
ڏسان آءٌ بہ چنگ وڄائي

جانڻ جڏهن اسڪول اچي ٿو
چنگُ وڄائي خوب نچي ٿو
ڪڏهن نہ هو پر مونکي ڏي ٿو
ڪير تہ جانڻ کي سمجهائي
بابل! مُنهنجي دل ٿي چاهي

جڏهن شاهن جي شادي ٿي هُئي
ڳوٺ ۾ ڏاڍي ڄڃَ لٿي هُئي
ڄڃَ ۾ ڪنهن هو چنگُ وڄايو
مونکي ڏاڍو مَزو ٿي آيو
ڏٺو اهو مون چنگُ چتائي
بابل! مُنهنجي دل ٿي چاهي

بابا اوهان جي ڳالهه مڃان
ڪچڙا هن پر ڏند اڃان
لوهي چنگُ مونکان نه وڄندو
چوٽه انهيءَ سان ڏند کو پڄندو
چنگُ چانديءَ جو ڏي ٺهرائي.

بابل! مُنهنجي دل ٿي چاهي
ڏسان آءُ به چنگ وڄائي

# ديڳڙيءَ ۾ ........

ديڳڙيءَ ۾ گوشت
گوشت ۾ هڏا
محنتي ڇوڪرا
ٿيندا ماڻهو وڏا.

ديڳڙيءَ ۾ چانهه
چانهه ۾ کنڊُ
ناپاس نينگر تي
ڏهه روپيا ڏنڊُ.

ديڳڙيءَ ۾ مڇي
مڇيءَ ۾ ڪنڊا
سستُ ڇوڪر کائيندا
ماستر جا ڏنڊا

ديڳڙيءَ ۾ کيرُ
کير ۾ پاڻي
ڪوڙِي ماڻهوءَ جي
ڪوڙي ڪهاڻي.



# ماما ماما مارِ گدڙ ڪي

ڪُراڙو ڪمدار آ

وڏيري جو يارُ آ
آهـــي وڏو ڏاڙي
اٿس زال ڪُراڙي
ڪُـــراڙو ڪُـــراڙي
ڪنهن وينا ڪياڙي
گـــدڙُ گـــداڙي
پيلي ويا واڙي.
ماما ماما مارگدڙڪي
نـــور نـــور ساندو
گـــدڙ جـــو آنـــدو
ڪُتن وجي ڪاڏو
ڪُراڙي ڪمدار جي
توپـــيءَ ۾ تـــاندو.

# پوپٽ، ٻچَ جهازُ



اوچتو اسڪول جو
گهنڊ وڄي ٿو
هر ڪو ٻارڙو
تکو ڀڄي ٿو
ڏٺيءَ جا ڳُڙ ڳائي
سڌيون قطارون ٺاهي
پنهنجي جاءِ تي
وڃي ويهي ٿو.
ماستر اکيون ڳاڙهيون
ٻارن جا مُنهن لٿل
ماستر جو ڏنڊو ڪارو
ٻارن جا هٿ ڪونپل

معصوم ٻارڙا
سبق پڙهن ٿا
ڏندو ڏسن ٿا
ڏاڍو ڊڄن ٿا.
اوچتو اسڪول ۾
پوپٽ اچي ٿو
هرڪو ٻارڙو
پوپٽ جي پويان
ڊوڙ هڻي ٿو
ماستر ڪاوڙ مان
ڏندو ڪڍي ٿو.
هر هڪ ٻار کي
ڏندو هڻي ٿو
هٿ مهٽي ٻارڙا
سبق پڙهن ٿا
مارَ وساري
وري کلن ٿا
اسڪول جي پرسان
جڃَ لنگهي ٿي
دل ٻارن جي
ڪانهُ رهي ٿي
ڍُول جي آواز تي
ٻارن هنئي ڊُڪ
ڪلاس مان نڪرڻ جي
بيهر ڪئي چُڪَ

سپني ڪاڏي سزا ۾
ماستر جي مُڪَ.
ڪائي هڪ مُڪَ
ٻارڙن لاڙيا لُڙڪ.
جهڙي گُذري
سپني ٻارن ڪان
مارَ وئي وسري.
اوچتو اسڪول مٿان
اچي ٿو جهازُ
سپيئي ٻار گڏجي
ڪن ٿا آواز
وري سزا ۾
ڏنڊا سهن ٿا
هٿ مهٽي ٻارڙا
ڏاڍو روئن ٿا
اُستاد کي چون ٿا
"سائين اسان کي
معافي ڏيو
وري نه ڪبو
ڏوهه پيو"
مڪڙين جهڙا ٻارڙا
سُڏڪي روئن ٿا
ڏندو ڏسن ٿا
ڏاڍو ڏڄن ٿا
ڏڄندي ڏڄندي

سبق پڙهن ٿا
هڪبئي جي ڪَن ۾
آهستي چون ٿا
پڙهڻ ڪان سُٺو آهي
پوپٽ هلي پڪڙجي
جَج هلي ڏسجي
جهاز ۾ چڙهجي.

# پولي جو ناچ



نچُ نچُ پولا نچُ اجا
پار مڙن ڪي گچُ اجا

پولا هردم سچُ تون چئجانءِ
ڪوڙ سان ياري مُور نه رکجانءِ
ڪوڙ ڪميڻو هيڻو جهيڻو
آهي سگهارو سچُ اجان
نچُ نچُ پولا نچُ اجا

پولا پَري بندوق نه ڪرڻ تُون
ديس جي دشمن ڪي ساهه هرڻُ تون

موت ۾ توتي حملو ٿيندو
بَمَ گوليِ ڪان بچُ اچان
نچُ نچُ پيولا نچُ اچا

پيولا تُنهجي شادي ٿيندي
تو وٽ سهٽي ڪنوار ٻه ايندي
ڏاجُ وٺڻ لئہ ڏوڪڙ گهُرجن
نوٽ ميڙڻ لئہ اچُ اچان
نچُ نچُ پيولا نچُ اچا

محنت جو آ مانُ مٿانهون
پيولا تُنهجو پنڌُ پرانهون
لولي ڪارڻ لوچڻو آهي
پورهئي ۾ تُون پچ اچا
نچُ نچُ پيولا نچُ اچا

# ڪنير

سدا پورهئي ڪي ساٿي سارِ
واهه واهه ڪنيرَ تُنهنجي ڪارِ

ڇيڪي مٽيءَ مان ٿانوَ بڻائين
تن ڪي آويءَ منجهه پچائين
مٽيءَ جو تُون مانُ وڌائين
محنت جو تو سبق پُڙهائين
پورهيت پيارا ائين سدائين
ديسَ مٽيءَ کي تون سينگار
واهه واهه ڪنيرَ تُنهنجي ڪارِ

پورهئي جو آ شان پڌارو
پورهيت آهي خُدا کي پيارو
ڏکيو نه ٿيندو تُنهنجو گذارو
ٽيٽو آهي ڏُور انڌارو
ورڻو آهي تنهنجو وارو

ٻيڙا تُنهنجا ٿيندا پارِ
واهه واهه ڪنيرَ تُنهنجي ڪارِ

# ٻوٽ گهُمڻ هلو

هلو پيڙ هلو
ٻلي گهمڻ هلو
ٻوٽ اسان جو ٻلو

چاچو مُنهنجو راٺو
آهي ماهر مُهاٺو
چاچيءَ جي چُلھ تي
روز پچي ٿو ٻلو
ٻوٽ گهمڻ هلو
ڪائو هلي ٻلو.

ٻوٽ جي هلبو
سوڍيءَ سونيءَ سان
ٻَڪ اُتي ملبو.

سوڍيءَ جي باغ جا
ڪــتا ڪـــتا پيـــرَ
سوڍيءَ جي پيءُ جا
ڏاگهي جيڏا پيرَ.
سوڍيءَ جا چاچا سُٺا
وڏي ڏيندا پيرَ مٺا
ٻالھ ڪان نہ الو

هلو گھمڻ هلو
ڳوٺ اسان جو پلو.

سونيءَ جو پيءُ سٺو
ســـونـــارو آهــــــي
سموري ڳوٺ جا
ڳــــھ ويـــٺو ٺاهي
ٺاهي ڏيندو پاڻ کي
جـــست جـــو چلو
پنهنجي پنهنجي چيچ ۾
پايــون هـــــلي چلو
پيٺر گھُمڻ هلو
ڳوٺ اسان جو پلو.

# گابي جي گوءِ



ڳوٺ جا هڪڙا سنگتي چار
ڳامڻ ڳُلڻ، مٺو ملهار
ويهي ڪرڻ لڳا ويچار
اڄ جمعو آ واندا آهيون
ڇو نہ گابن جي گوءِ پُڇايون
چارئي سنگتي آخرڪار
گوءِ ڪرڻ لئہ ٿي ويا تيار

گامڻ جو ڀولاهو گابو
ڳلڻ جو هو ڳاڙهو گابو

مٿوءَ آندو اڇو ڳابو
ڪاهي آيو ڪارو ملهار
ڳوٺ جا هڪڙا سنگتي چار

ڳابن کي سينگار ٺاهي
آيا هو ميدان تي ڪاهي
چارئي سنگتي ٿي هوشيار
اوچتو ٿي وئي الهه توهار
ڳوٺ جا هڪڙا سنگتي چار

ڳابو ڳُلڻ جو سهڪڻ لڳو
مٿوءَ جو ڇڏائي پڳو
پٺتي رهجي ويو ملهار
ڳابو ڳامڻ جو پهتو پار

ولڻ واڇو خوب وڄايو
ڳامڻ ڳوءِ کٽي گهر آيو.

# خطُ ادل جو




خطُ ادل جو آيو آهي
ٻارن شور مچايو آهي

خط ۾ آ احوال ادل جو
ٻاڙي واري پوڙهي پُنهل جو
فوٽو ننيڙي ڀاءُ سچل جو
خط سومرو گهر وارن کي
پيوءَ پڙهي ٻڌايو آهي
خط ادل جو آيو آهي

ادل ڪراچيءَ منجهه رهي ٿو
خط جي رستي سارَ لهي ٿو
ڀاءُ سچل ٻه اتي پڙهي ٿو
رُسي وڃڻ تي خط ۾ ادل

پپوءَ کي پرچايو آهي
خط ادل جو آيو آهي

خط ۾ آهن نانءَ گهڻن جا
سلامَ سانولءِ مُبن شَفن جا
نذير ڪالو علي امنَ جا
ادل امنَ کي پاس ٿيڻ تي
سڻن ۾ ساراهيو آهي
خط ادل جو آيو آهي

ادل لکيو آ، عيد تي ايندو
اڇي ٻارن کي خرچي ڏيندو
شهر گهُمائڻ وٺي ويندو
پيڻ نندي ۽ سان نه وڙهڻ لئه
مارئيءَ کي سمجهايو آهي
خط ادل جو آيو آهي
ٻارن شور مچايو آهي.

# پيارا جيتَ پکيئڙا



طوطو جڏهن به بولي ٿو
خوشين جا دَر کولي ٿو
طوطو پيارو ڪوئل پياري
ڪانوَ ڪان مونکي آ بيزاري
ڪيڏا باغ ۾ جيت پُتِڙ ٿا
مونکي تن مان ڪجھ وڻن ٿا
پکي به ڪيڏا پيا ٿا اُڏامن
کي نه وڻن ٿا کي ته سُٺا هن
پوپٽ سڀ کان پيارو آهي

روپ انهيءَ جو نيارو آهي
پلي آهي پر لال پنپوري
هٿُ وڏائي چوري چوري
ڪالهه مون ان کي پڪڙيو هو
چيٽيءَ ۾ پر جڪڙيو هو
جڏهن راند جي مهل وئي گذري
ڇڏيو مون ان کي ويئي اڏري
آهي ڏينيوءَ جو سهڻو رنگ
پر نه وٺي تو هٿي تو ڏنگُ
ڪوئل توڙي ڪاري آهي
تڏهن به مونکي پياري آهي
ڪڏهن نه ڪوئل ڏنگ هڻي ٿي
هن جي مٺڙي لات وڻي ٿي
ڪانءُ به سارو ڪارو آهي
پر هو مونکي پيارو ناهي
جڏهن امڙ ٿي لولو ڏي
ڪانءُ تو جهٽ ڏئي کسي وجي.

# ٻالڪ ننڍڙا



ٻالڪَ ننڍڙا ڪچڙا هڏڙا
مُرڪ متارا ٿيندا وڏڙا

ويو الائي نينگر ڪيڏانهن
سانجهيءَ ويلي ماءُ جا سڏڙا

واٽ وجي ٿي جا اسڪول
ساري آهي ڊوريون ڪڏڙا

ٻينچ نه ڪا اسڪول ۾ آهي
پٽ تي پٿريل چڳل تڏڙا

ٻارو! تن جو سهارو ٻڻجي
جڳ ۾ جيڪي آهن جڏڙا.

# منهنجي سائيڪل

سائيڪل مُنهنجي سڀ ڪان پياري
سُٺي ۽ سولي جنهن جي سواري

سائيڪل مُنهنجي روڊ جي راڻي
مُور نہ ٿڪي تي ٿڪ ڪان ساڻي
نڪي گهُري تي اَنُ ۽ پاڻي
روڊ تي ڊڪندي حڪم مُنهنجي ڪان
ڪين ڪڏهن آ تي انڪاري
سائيڪل مُنهنجي سڀ ڪان پياري.

صبح جو اُن تي وڃان پڙهڻ
شام جو اُن تي وڃان گهُمڻ
سنڌوءَ ڪنارا باغَ پٽڻ
علم پرائڻ سان گڏ آهي
گهُمڻ قرڻ جي گهڻي بهاري
سائيڪل مُنهنجي سڀ ڪان پياري.

# سمند تي پڪنڪ



انور منور جا گھروارا
جگنوءَ پارا پپوءَ پارا
پڪنڪ خاطر سنبري سارا
ڪار ۾ گڏجي ويا ڪلفٽن

منور ڪاڏا سمُنڊ ۾ غوطا
پپوءَ پنھنجا پير ٿي ڌوتا
بينا واريءَ گھرڙا ٺاھيا
ميناء بينا جا گھرڙا ڊاھيا
پوءِ ٻنھي جو ٿي پيو جھيڙو
ڦِٽي ويو سارو مٽل ميڙو
وچ ۾ آيو انور جو پاءُ
مينا بينا جو ٿيو پرچاءُ.

جڏهن ٻارن کي اُڃَ تپايو
ڳڏجي ڳيتُ انهن ٿي ڳايو
”پيــــج پيــــج مــــولا
هڪڙي ڪوڪا ڪولا“
ماءُ ڏني ٻارن کي موڪل
ٻارن پيتي هڪ هڪ بوتل.



جڏهن ٻارن کي بُک تپايو
سڀني ڳڏجي ممرُ مچايو
جهٽَ ۾ تازي ماني آئي
مزي مزي سان ڳڏجي کائي
سڀني ڏاڍو ڏوَ ڪيو
پوءِ خوشيءَ جو ڳيت چيو
”سمُنڊ ڪنارا چولين وارا
روز ملهايون پڪنڪ پيارا“

ٻارن اُٿ جي ڪري سواري
گهر هلڻ جي ڪئي تياري
جڏهن شام جا پنج وڳا
سارا ٻاتي گهر پُڳا.

# ڪوئي جي شادي



هڪڙي ڪُوئي ڏوڻگ رچايو
ماءُ ٻُڌيءَ کي اچي ٻُڌايو
”رات خواب ۾ ابو هو آيو
تنهن آ اوهان کي هينئن سمجهايو
مُنهنجي هاٿي شادي ڪرايو.“

ماءُ ڪُوئي کي چيو سمجهائي
”پٽڙا شادي سولي ناهي
پهريان چانديءَ جا زيور آڻ
پوءِ پلي تُون ڪنوار ڪا ماڻ“

چاندوڪيءَ جي چانديءَ مان
ڪُوئو آيو زيور ٺاهي

ماءُ ڪُوئي جي مڪڻ ڪائي
راڄ ڪُوئن جي جهانجهہَ وڃائي.

نيٺ شاديءَ جو ڏينهن بہ آيو
ڪُوئي سارو راڄُ گھُرايو
ڪُوئي جي سڏَ تي پليون بہ آيون
ڪُوئن پلين لاءِ هنڌَ وڇايا
خاص انهن لئہ طعام پچايا

ڪُوئن شاديءَ تي رنگَ رچايا
پلين نچندي گيچ ٿي ڳايا
ڪُوئن گڏجي ڏُڪڙ وڄايا.

ڪُوئا بہ آخر ٿڪڻَ لڳا
آهستي آهستي سُمهڻ لڳا
نڏهن ڪُوئن کي ننڊ ورايو
تڏهن پلين جو وارو آيو
سِڪَ سموري ڪري ختم
پلين ڪُوئن کي ڪيو هضم

بچيل ڪُوئن کي آئي تواڻي
تن پلين سان سنگت ڦٽائي
هاڻي ڪُوئن جي شاديءَ ۾
ڪڏهن نہ ايندي پلي ڪائي.

# ڏاند گاڏيءَ ۾



ڳوٺ جي گس تي ڌوڙ اڏاٽي
ڏاند گاڏيءَ جا چيڪٽ چيڪٽ
ماڻهن لئہ آ ڳالهہ پراڻي

ڏاند گاڏيءَ ۾ چاچو ڪريلو
ننڍ مان جاڳي روز سويلو
شهر وڃي ٿو ڪرڻ مزوري
لولي خاطر آ لوچ ضروري
جڏهن ڪمائي چاچو اچي ٿو
سندس گهرَ ۾ لولو پچي ٿو.

منجهند ذاري ننڊ ڪري
ڪير ڄُون چوَنريون چار پري
وڪڻ بابو شهر وڃي ٿو
سانجهيءَ ڌاري گهر اچي ٿو
مُنهنجو بابو همت وارو
ڏُکن سُکن ۾ ڪري گُذارو

سڄُ لهڻ سان آئي سانجهي
ڏاند گاڏيءَ ۾ مامو مانجهي
شهر وڃڻ لئہ ٿئي ٿو تيار
مامو مانجهي آ چوڪيدار
رات جو جاڳي گشت ڪري ٿو
صبح جو پنهنجي ڳوٺ وري ٿو.

# ڀاءُ برادي



جتي ٻه ٽيندي ڪائي شادي
ڀڄي ويندو ڀاءُ برادي
جڏهن برادي پَٽُ ڪائيندو
هرڪو هن کي چيڙائيندو

پُٽُ جڏهن جُمن طهرايو
ڀاءُ برادي ڀڄندو آيو
ٻارن ڏاڍو ڪيس تپايو
سڀني ٻارن گڏجي ڳايو
”ڀاءُ برادي اوري آءُ
لڳي نه توکي ڪوسو واءُ
اڇي هي ڇهرا چانور ڪاءُ

ڪوسا ٿئي ته ٿاري ڪاءِ
مکيُون ٿي ته ماري ڪاءِ
ڏينيو ٿي ته ڏاري ڪاءِ
هڏا ٿي ته ڳاري ڪاءِ
گهٽا ٿي ته هاري ڪاءِ“

ٻارن ڳائي تاڙيون وڄائي
ٻاءُ برادي چڏيو رُسائي
اُنهن ٻارن جو اهو نظارو
ڏٺو استاد بخاريءَ سارو
اٿي استاد ٻارن ڏي آيو
ڪين محبت سان سمجهايو
ٻارو! ڪنهن کي ڪين رنجايو
وڃي براديءَ کي پرچايو
ٻارڻ وڏن جو ادب رکجي
ڪينَ انهن کي ٻاڙو چئجي.
ڳالهه ٻُڌي استاد جي ساري
ٻارن ۾ ٿي شرمساري
ٻارن براديءَ کي پرچايو
ڪيس ٻارڻَ سان پَٽُ ڪارايو
گُلن ڦُلن جو هارُ پارايو
ڏسي ٻارن جي فطرت پياري
کلي ويٺو استاد بخاري.

# عيد ملهايون



عيد اڱڻ تي آئي آهي
سيني کي واڌائي آهي

پائڻ آهيون پاڪر پايون
اڄ نه ڳڏجي عيد ملهايون
سک محبت ۾ آ راحت
ڪاوڙ دوست اجائي آهي

گهڻي ملي آ عيد جي خرچي
ڪيسا ويا هن سارا پرجي
آهن مون وٽ نوٽ سمورا
ڪين ڪيا جستي پائي آهي
عيد اڱڻ تي آئي آهي.

www.sascitysukkur.com E-Mail: abdullateefansari@yahoo.com

وٽن ننڍا مون ڏٺا ۽ چولا
نڪي ڳُڙ جا پشم گولا

پنهنجي دوست گوهر سان گڏجي
ڪاڏي خوب ملائي آهي
عيد اڱڻ تي آئي آهي.

اڇو ڦڏاڪا سوسڙيون ساڙيون
ڦوڪي ڦوڪي ڦوڪڻا ڦاڙيون
نچڻ ڪُڏڻ جو ڏينهن آ، آيو
چوڌاري سرهائي آهي
عيد اڱڻ تي آئي آهي.

# ٻيرين منجھ ٻٽيرو



ٻيرين منجھ ٻٽيرو ٻولي
پُٽ هاريءَ جو تنهن کي ڳولي

ٻار لڳا سي انبڙيون ميڙڻ
ڪالھ ڪيرايون جيڪي جھولي

طاهر جو ويو طوطو اڏامي
پيوءَ چڏيو هو پڃرو کولي

جانورن جي باغ ۾ گهُمندي
پائوءَ کي ڏيڃايو پولي

محنت وارو ساٿي سهارو
سستُ چوڪر جي سنگت رولي.

# روڊ تي ......

روڊ تـــــــــي ڳاڌو
ڳـــــــــاڏي ۾ ڏاڏو
ڏاڏي جـــــي پرسان
ڏاڏي ڪُــــــــرازي
ڪين ڪنهنکي وٽندو
چوڪـــــــر لپـــاڙِي.

روڊ تـــــي ڪار
ڪار ۾ ڪُتو
ڪتي جي پرسان
ٿلهو ٿلهو سيٺ
جيڪو ڪندو سستي
سوئي رهندو سيٺ.

روڊ تي بـــــس
بـــــس ۾ بـــاندر
بانـــــدر پرســـــان
هڪــــــڙو فـــــــقير
ٻارو ڪين سمجهو
ڪنهنـــــڪي حـــــقير

روڊ تـــــي رڪشو
رڪشي ۾ راڻي
راڻيءَ جي پرسان
ڪـــاڻو راڻـــــو
ختـــــم نہ ٿـــيندو
علـــمَ جو نـــاڻو.

# پتلين جو تماشو



راتِ ڳلڻ جي گهرَ جي اڱڻ ۾
ڏٺو اسان پُتلين جو تماشو

سڀ ڪان پهريان آئي راڻي
ڪٺ تي ويٺي ساهہَ سيباڻي
ٺپ ڏيئي پوِ آيو راڻو
ڪرڻ لڳي هوءَ تنهن سان ماڻو
نيٺ راڻي جو عرض اگهاڻو
راڻيءَ پنهنجو ڇڏيو رُساڻو

راڻي راڻيءَ کي پرچايو
کيس هاٿيءَ تي شهر گهُمايو
شهر گهُمي پوءِ باغ ۾ آيا
راڻي ڇم ڇم نچڻ لڳي
ننڊ پکين کي اچڻ لڳي

باغ ۾ آيو پاٺي خان
جنهن جي هٿ هو تير ڪمان
راڻي کي تنهن رڙ ڪري
چيو: ”هليو وڃ هتان پري
آءُ راڻيءَ سان شادي ڪندس
راڄ سڄي جو مالڪ ٿيندس“

راڻي کي پوءِ ڪاوڙ آئي
تنهن ڪئي هن سان خوب لڙائي
مُئو ويڙهه ۾ پاٺي خان
وڌي ويو راڻي جو شان

هر ڪنهن ڪاڏو ڪنڌُ پتاشو
ختم ٿيو پوءِ کيل تماشو.

# گڙٻڙ ۾...



نانو نُورل ويو گذاري
ناني نوري گڙٻڙ ۾

دال جا آهن ڏڏڪا روز
حلوو پوري گڙٻڙ ۾

چانگي مل جي شادي آ
جڄَ سموري گڙٻڙ ۾

جڏهن به ڪاوڙ سيٺ ڪندو
سڄي مزوري گڙٻڙ ۾.



# ادل سومرو